Issue-4 September- 2000

انڪ -٤ سيپٽمبر - ٢٠٠٠

سڳنڌ

(ماهوار)

SUGANDH

(Monthly)



Honorary Editor : Lal Chawla

آنرري سمپادڪ : لعل چاولا

سُگنڌ (ماهوار)

پرڪاشڪ : مرلي ڀوڄواڻي
بي-35/139
سروپ هال جي پرسان،
سنت ڪنور ڪالوني، بڙودا.

آنرري سمپادڪ : لعل چاولا
سي ١، جيون ڌارا سوسائٽي،
سنڌو ساگر جي پرسان،
سنت ڪنور ڪالوني، بڙودا-٦.

صلاحڪار : پرنسيپال جيِ. وي. مورجاڻي

في انڪ : 10 رپيا   ساليانو چندو : 100 رپيا

سال : 1   انڪ : 4   سيپٽمبر - 2000

SUGANDH (Monthly)

Honorary Editor : Lal Chawla
C-1, Jeevandhara Society,
Near Sindhu Sagar,
Sant Kanwar Colony, Baroda.

Publisher : Murli Bhojwani
B-35/139, Near Saroop Hall,
Sant Kanwar Colony, Baroda.
© : (R) 570316, (O) 572547

Advisor : Principal G. V. Moorjani

Per Issue : Rs. 10/-   Yearly Membership : Rs. 100/-

Year : 1   Vol. : 4   September - 2000

اوم ستنام ساکي



پرم پوڄنيہ سنت شرومڻي سائين هرداس رام جن برهم لوڪ پڌاريا

پرم پرڪاش منڊلاچاريہ جي چوٿين پاتشاهي پر
پوڄنيہ سائين هرداس رام جي تاريخ 26-8-2000 تـ
اِسپين ۾ هي سنساري چولو ڇڏي برهم لوڪ پڌاريا.

سائين هرداس رام جو جنم 30-3-1930 تي سنڌ جي
ٽنڊي ڳوٺ ۾ ٿيو. سندن پتا جو نالو هيرانند ۽ ماتا جو نا
هوتل بائي هو. چوڏهن سالن جي عمر کان وٺي هنن دنيا ج
سک پدارٿ ڇڏي سائين سروانند صاحب جن جي شرن ۾ آيا
سائين هرداس رام سائين سروانند صاحب جن جا پاٽيچا هئا

سائين شانتي پرڪاش صاحب جن جي ديو لوڪ پڌارجڻ
کان پوءِ هي صاحب تاريخ 30-8-1992 تي پريم پرڪاش
منڊلاچاريہ جا گادي نشين ٿيا.

سائين جن هردوار ۾ تاريخ 2-9-2000 ڇنڇر ڏينهن
گنگا نديءَ ۾ جل سماڌي ورتي. تاريخ 14-9-2000 تي
سائين جن جو تيرهون آهي، جتي هنن جي اُترا اڌڪاريءَ
جي پڌرائي ڪئي ويندي.

پلي اڄ سائين هرداس رام جن اسان سان گڏ نہ آهن پر
سندس ڏيکاريل راهہ اسان پليل ڀٽڪيل سنسارين کي هميشہ
پنهنجي اصلي منزل تي پهچڻ ۾ مدد ڪندي.

سمپادڪيہ

قدرت پرٿويءَ تي ڪيترين نہ انمول چيزون
پايون آهن! انسانن لاءِ انيڪ سڪہ سنهنج ۽ نعمتون ميسر
ڪيون آهن. هرڪو پنهنجي اُدم ۽ نصيب آهر پيو ماڻي.
اڳئي وقت اسان مٿان ڪي فرض ۽ قرض پڻ آهن، جيڪي
سانکي پالڻا/چڪائڻا آهن. پوءِ ئي اسان زندگيءَ ۾ صحيح
نند پرائي سگهنداسين. سماج ڏانهن فرض اهم آهي. آرٿڪ
يت ڪمزور طبقي جي ڀهبوديءَ لاءِ ڪجهہ ڪرڻ، جهڙوڪ
نهن جي تعليم لاءِ ساڌن ميسر ڪرڻ، نياڻين جي ڪارج ۾
دد ڪرڻ، ميڊيڪل سهائتا ڏيڻ وغيره. سوامي وويڪانند هڪ هنڌ
ڪيو آهي، ”جيڪو گرهستي پنهنجو ڌن پر اُپڪار بلي خرچي
و، اُهو غفا ۾ ويهي تپسيا ڪرڻ واري کان ڪنهن بہ حالت
گهٽ ناهي. سماج جي نشڪام شيوا ايشور جي ڀڳتي آهي.“

جنهن جاتيءَ جو ساهت ماڻهن کي ڌرم ۽ ڪرم ڏانهن
ائل ڪري اُنهن ۾ شيوا جو انگہ ڦوڪي ٿو، اِهو سڦل ساهت
هي. ساهت سماج جو آئينو آهي. ساهت ۽ سماج هڪ ٻئي جا
ورڪ آهن. ”فن برائي زندگي“ جو مقصد اِن سان پورو ٿو
ٿي.

اچو تہ سنڌي ساهت جي وِڪاس ۽ واڌاري لاءِ ڪلهو
ڪلهي سان ملائي اڳتي وڌون.
مين!!

لعل چاولا
آنرري سمپادڪ

فهرست

غــزل

- هري دلگير (آديپور)

چا منهنجي لاءِ ڏينهن ڏکيارا،
اڄ يي کلهه وانگر.
چا نه هتي تون ايندين پيارا،
اڄ يي کلهه وانگر.

١. ڏکجي چتجي راڏا ويني،
من موهن جي ليءِ.
پر نٽکٽ لاءِ بيا به نظارا،
اڄ يي کلهه وانگر.

٢. فون، تار، خط نياپو ناهي،
آهه نه کو احوال.
هي تارا ءِ اُپ جا تارا،
اڄ يي کلهه وانگر.

٣. تو هر ديگيءَ کي هرکائن،
چوريون چال پري.
دل تان لاهي چڏيئه دلارا،
اڄ يي کلهه وانگر.

٤. توکي ياد ڏياريان کئن مان،
پهچ پري 'دلگير'.
قرب قول سي ٻاڙا کارا،
اڄ يي کلهه وانگر.

اوهان طرفان

ڊاڪٽر جينو لعلواڻي، دهلي.

''سُڳنڌ'' ذريعي سنڌيت جي خوشبوءِ ڦهلائيندا اهڙو پڪو وشواس
آهي. نوجوانن کي اڳتي آڻيندا اهڙي منهنجي توهان کي وينتي
آهي. ''سڳنڌ'' کي هڪ سنڌي تحريڪ/هلچل جي روپ ۾ هلائي
نوجوانن ۾ سنڌيت لاءِ پريم پيدا ڪندا.

ڊاڪٽر موتيلال جوتواڻي، دهلي.

اهڙي ڪٺن سمي ۾ پڻ توهان ''سُڳنڌ'' ماهوار رسالي ...
سوچيو آهي. اوهانجي همٿ کي داد ڏيڻ چاهيان ٿو. ...
۾ مٽر ڪافي سنو آهي.

سندر اڳناڻي، جئپور

''سُڳنڌ'' جي اشاعت تي دلي مبارڪون قبول ڪندا. ڪو وقت هئ
جڏهن بڙودا سنڌي ساهتڪ ۽ ڪلچرل سرگرمين ۾ ڪافي اڳرو هئو.
پر ڪن ساٿين جي بڙودا مان لڏي وڃڻ ۽ ديهانت سبب سرگرمين
۾ ماٺائي اچي ويئي. هينئر وري ''سڳنڌ'' سرگرمي آڻيندي اهڙ
وشواس اٿم.

جڳديش درگاڻي، بڙودا.

''سڳنڌ'' جو پهريو انڪ پهتو. ڪافي وڻندڙ لڳو. ''وتايي فقير ج
نقل'' ۽ پهاڪا ۽ چوٽيون ڏاڍا وڻيا. دليپ ڳولاڻي جو ''منهنج
من'' ڪافي پريرڻادايڪ ليک آهي.

گرداس آهوجا، راجڪوٽ.

''سڳنڌ'' رسالو، اوهانجي پهرئين ڪوشش آهي. اُميد اڳتي هلي
اجان به سٺي ترقي ڪندا ۽ ''سڳنڌ'' ۾ سٺن ۽ نون ڪالمن جي
''سڳنڌ'' پريندا.

ولیرام ڪشناڻي، گانڌيڌام.

توهانجي سک ڀري سوکڙي ''سڳنڌ'' ملي. پهرئين انڪ جو سواڳت
ٿو ڪجي.

”چا ٿيندو؟“

موتيرام هيراننداڻي ”موتي“
(اُلهاسنگر)

سنڌي !

١. اِسٽيشن جو نالو اُلهاسنگر،
نگر پالڪا پڻ اُلهاسنگر،
تون سڏين ٿو سِنڌونگر،
تنهنجي سڏڻ سان چا ٿيندو؟

٢. ٻار تنهنجا انگريز عيسائي.
پنهنجي ٻوليءَ جي ڄاڻ نہ ڪائي،
تون پڙهين ٿو شاهہ ۽ سامي،
تنهنجي پڙهڻ سان چا ٿيندو؟

٣. تون ڏارين پنڻ ۾ اُلجهيل آهين،
پنهنجو چيٽي چنڊ نہ ملهائين،
تو ڳائين زور سان جهوُليلعل،
تنهنجي ڳائڻ سان چا ٿيندو؟

٤. توکي ڌري زمين نہ پنهنجي،
نہ سنڌُ تنهنجي، نہ هند تنهنجي،
تو سمجهين ساري دُنيا پنهنجي،
تنهنجي سمجهڻ سان چا ٿيندو؟

٥. توکي ڪا پهچان نہ پنهنجي،
لاوارث هِتِ جان آ تنهنجي،
تون وارث آهين ويدن جو،
تنهنجي چوڻ سان چا ٿيندو؟

غـزل

- ارجن حاسد (احمدآباد)

بعضي بعضي ايندو ڪر تون!
ايڏو دور رهين ٿو ڇاڪون!

ڪڪرن مان ٿي چنڊ نهاريو،
رات سڄي توکي ساريو مون!

ڪالهہ تنهنجي پاڙي ۾ آيس،
سوچيندي من در وٽ ڳڏجون!

”حاسد“ هاڻي دل ٿيندي آ،
ڳڏجي مرڪون، ڳڏجي تڙڦون!

بعضي بعضي ايندو ڪر تون!

❋ ❋ ❋ ❋ ❋

غـزل

پهچان

- گوبندرام ريجهواڻي ”آنند“ (جهوناگڙهہ)

مان بہ هڪ شاعراڻي دل رکان ٿو،
هر وقت ڪجهہ نہ ڪجهہ پيو مان لکان ٿو.
شعر ۽ شاعري ۽ ڪي رُبايون،
چئي تہ يارو! اڃان پيو مان سکان ٿو.
پل نہ ڪو پڙهڻ وارو هٿ ملي مون،
لکڻ جو سواد خود مان ئي چکان ٿو.
اٿم مون منجهہ خودداري ايڏي جو،
ڪين ڪنهن کي مکڻ ڪو مان مکان ٿو.
”مان ڪڏهن شخص ٿيندس ناميارو،“
ڪين اهڙو ڪو پوشيہ مان بڪان ٿو.
جا ڏني ذات مونکي آهہ قدرت،
سا دنيا جي اڳيان هردم رکان ٿو.

وڪرمادتيه هيمچندر

عادل شاه سوُريءَ همايونءَ کي شڪست ڏئي، هندستان مان ڀڄائي ڪڍيو. دهليءَ جو تخت خالي هو. سوُري خاندان جا پنهنجا جهيڙا هئا. تخت جا داعويدار گهڻا هئا. نيٺ شير شاه سوُريءَ جي فوجي نيتا هيمچندر دهليءَ جو تخت حاصل ڪيو.

هيمچندر ريواڙيءَ جي هڪ رواجي دڪاندار جو پٽ هو. سندس قابليت ڏسي شيرشاه کيس مالي کاتو سپرد ڪيو. جتان اڳتي وڌي هي نوجوان فوج جو ڪماندر ٿي ويو. مغلن ۽ شيرشاه سوُريءَ جي باغي نوابن کي هن ٢٢ لڙاين ۾ شڪست ڏني.

شيرشاه آخر پنهنجي سردارن هٿان مارجي ويو. هن ڪانپوءِ هيمچندر دهليءَ جي تخت تي ويٺو. سمرات پرٿويراج کانپوءِ اٽڪل ٣٠٠ سالن ڪانپوءِ هي ٻيو هندو سمرات دهليءَ جي تخت تي براجمان ٿيو. پر هن جو ڪنهن به هندو راجا ساٿ نه ڏنو. پنڊت ليڪراج، پنڊت گرڌاري لال ۽ ٻين براهمڻ راجپوتن ۽ ٻين راجائن کي سنديش موڪليو ته هيمچندر کي دهليءَ جو سمرات سويڪار ڪن نه ته پل يڪراءِ ٿي ڪنهن به هندو راجا کي ڀارت جو سمرات چونڊي دهليءَ جي تخت تي وهارين. پر غرور ۽ حسد وچان ڪنهن به هيمچندر جو ساٿ نه ڏنو.

هوڏانهن مسلم مولوين هيمچندر جي خلاف فوج ۾ بغاوت ڦهلائڻ شروع ڪئي ۽ افغانستان ۾ همايون جي فوجي ڪماندر بيرمخان ۽ ٻين کي هندوستان جي تخت تي جلد قبضو ڪرڻ لاءِ پيغام موڪليو. همايون مري چڪو هئو، اڪبر فقط ١١ سالن جو هو. سڄيءَ مغل فوج اڪبر کي هندستان جي تخت تي ويهارڻ لاءِ ڪمر ڪسڻ لڳي. ٻئي طرف ڪيترا به سنديش موڪلڻ تي هڪ به هندو راجا هيمچندر جو ساٿ ڏيڻ لاءِ تيار نه هو. اڪيلو هيمچندر پنهنجي چونڊ سائين سان ريواڙيءَ جي مئدان تي مغل فوج سان ٽڪر کاڌو. لڙائي شروع ٿيڻ سان ئي ڀڻڪ ۽ مسلم سردار غداري

٦. اڄ سوچي سمجهي هلٽو آهي،
لڙڻ بنان ڪجهه ملٽو ناهي،
تون رُڌل رهين تو ڪمائڻ ۾،
تنهنجي ڪمائڻ سان ڇا ٿيندو؟

ماتا

- سوامي ٻوڌراڄ

١. ماتا سچو گرو آهي پهريون،
جڳ ۾ هڪ ئي ڏنوان داتا.

٢. ڪرم-ريکا جي ناهڻ واري،
ماتا ئي آهي وڌاتا.

٣. گيانوان ماتا آهي سچ پچ،
سڀ سکن جي پورن داتا.

٤. ماتا جي لوليءَ منڙيءَ مان،
رشين ويد سمورا ڇاتا.

٥. سؤ اُستادن کان پڻ سرس آ،
ماتا جا آهن نينهن جا ناتا.

٦. شيلونت ماتا آهي جنهنجي،
”ٻوڌ“ اُنهيءَ سڀ سک پاتا.

تايي فقير جا نقل (سياڻپ جا ڳفتا)

هڪ ڏينهن وتايو فقير واٽ وٺيو پئي ويو ۽ ڏٺائين جو ڏيان ڪندو پئي ويو. پريان ڪي ماڻهون پئي آيا، تن ڏنو ته هي ڪو درويش آهي. تنهن ڪري هنن مان هڪڙي چٽي روپيو ڪڍي هنڪي ڏنو. وتايو فقير روپيو وٺي اڳتي هليو. ڪيس دل ۾ خيال آيو ته هاڻ روپئي جو ان وٺان يا امان جا ڪپڙا وٺان. اُنهن ئي ويچارن ۾ هن ڪان خدا جو نالو وسري ويو. وري خيال ڪيائين ته هن روپئي مونکي ڳٽتي ڏيئي ڇڏي ۽ مونکان خدا جو نالو ئي وسارائي ڇڏيو. سو ڪيسي مان روپيو ڪڍي اُڇلايائين. چيائين : ”فقط هڪ روپئي مونکان خدا جو نالو وسارائي ڇڏيو آهي، پر جن وٽ هيتري دؤلت آهي سي ڪيئن ڏٺيءَ کي ياد ڪندا هوندا!“

هڪ دفعي وتايو فقير بازار مان ٿي لنگهيو. واٽ تي ڏٺائين ته هڪ حلوائيءَ جي دڪان تي طرح طرح جون مٺايون ۽ حلوا ٺهيا پيا آهن. پر حلوائي ڇُپڙي ڪري ويٺو آهي. سو سندس اکيان وچي اُن جي اکين اڳيان هٿ هلائڻ لڳو. حلوائيءَ چيس ”ته هي ڇا پيو ڪرين؟ مان ڪو سُورداس آهيان ڇا؟“ وتايي فقير چيس، ”ته پوءِ هيڏيون مٺايون تنهنجي اڳيان پيون آهن، ڪائين ڇو نه ٿو؟“ حلوائيءَ چيس،”پنهنجون مٺايون مان پاڻ ئي ڪانوان ته مونکي نقصان پوي.“ وتايي فقير چيس، ”ته پوءِ هٽي وچ اِتان. مان ٿو ڪانوان. پل مونکي نقصان پوي!“

هڪ پيري ڳوٺ ۾ ٻوڏ آئي. سيني ماڻهن کي پنهنجي مال ملڪيت جي چنتا ٿي، هرڪو پنهنجو سامان، ڪپڙا لٽا وغيره ڪٽي ٻئي ڳوٺ ڏانهن پئي ويو. تڏهن وتايو فقير، جنهن وٽ ڪجهه به ڪين هو، سو مستيءَ ۾ اچي ڳائي پيو ڇي،”وقت تي سُڃائي به ڪم ايندي آهي.“

❋ ❋ ❋

ڪري مغل فوج سان ملي ويا. مغلن وٽ بندوقون ۽ توبون هيون. هيمچندر جي فوجين وٽ تلوارون ۽ تير هئا. اِن هوندي بہ هيمچندر جي سينا مغلن جا سر ڪٽيندي ٿي ويئي.

پر ٥-٦ هزار فوج ڪيترو وقت ٦٠-٧٠ هزار فوج جو مقابلو ڪري ٿي سگهي؟ هيمچندر چئني طرفن کان گهيرجي ويو. اڪبر هن جو سر تلوار سان ڪٽي وڻ تي لٽڪائي ڇڏيو.

هيمچندر ڏيڍ سال دهليءَ جي تخت تي راڄ ڪيو. جيڪڏهن راجپوت ۽ ٻيا هندو راجائون هيمچندر جو ساٿ ڏين هان تہ دهليءَ تي مغلن جو راڄ نہ هجي هان ١١ سالن جي اڪبر کي دهليءَ جو بادشاهہ بڻايو ويو.

❋ ❋ ❋

❋ غزل ❋

-’درليپ‘ رامچندائي (جهوناگڙهہ)

١. دل اندر اوندهہ اُداسي، ڪاري ڪاري ٻات هئي،
پر پريان دل جي اُفق ۾ سنهري هڪڙي وات هئي.

٢. روشني هئي گهٽ گهٽي، پر مليو آٿت مونکي،
دل اندر جاڳيو هو جذبو، من اندر اُسات هئي.

٣. اندر ۾ ينيت ٻريا پئي، هر طرف شعولا هئا،
ڪولي ڪڙڪي جهانڪي پاتم، هوا ۾ سوسات هئي.

٤. فاقا پرستي روز جي مفلسي گهر منهنجي آ،
هو اُجهاميل دل اسانجو، مَنَ اندر ٻوسات هئي.

٥. پئسي وارا ويا وڌي، پر غريبت آ گهٽي،
ملڪ جي حالت پسي، دل منهنجي اُچات هئي.

٦. حال هن ۾ ڪيئن گذارجي، اِهو بہ هڪڙو سوال آ،
هر مرض جي دوا، موت هڪڙي وات هئي.

٧. ڏن بنان ’درليپ‘ ڪري ڇا، آهي اِن ويچار ۾،
آ غريباڻو غزل دل تي هڪ چماٽ هئي.

خر خفي تي پنهنجو رايو ڏنائين،''ائين ڪيو جو هرڪو مسافر
وري ٿوري مفاصلي کان پوءِ هيٺ لهندو وڃي.'' بس تمام ڍلي
رفتار سان هلندي تي رهي ۽ مسافرن جي لهندي خبر پئجي تي
سگهي تہ ڪنوڻ ڪڏهن تي بند ٿئي.

ڊرائيور جي راءِ کي وزن ڏئي پوئين قطار جي مسافرن لهڻ
شروع ڪيو. بس آهستي آهستي هلي رهي هئي. سيني مسافرن جي
ٿي وڃڻ کان پوءِ بہ ڪنوڻ بند ڪانہ ٿي. هرهڪ لٿل مسافر کي
ڪنوڻ بند نہ ٿيڻ جي حالت ۾ مٿي چاڙهي وري بئي کي هيٺ لاٿو
ٿي ويو. ڪيترو ئي وقت اِها روئداد ٿيندي رهي، تان جو سيني
مسافرن جو وارو ٿي ويو تہ اَڃان ڪنوڻ بند ڪانہ ٿي.

لٿل مسافرن مان هڪ مسافر جي نظر وڃي بس جي مٿان
رکيل سامان تي پيئي. سامان جي مٿان تالپتري پيل هئي ۽ هڪ
ڦاٽل تالپتري ڪجهہ مٿي چڙهيل هئي. هڪ غريب ٻڍڙو ان
تالپتريءَ جي هيٺان لڪو وينو هو، جو تہ مسافري ڪرڻ لاءِ ڪيس
ٽڪيٽ خريد ڪرڻ جي سمرٿي ڪانہ هئي، ان ڪري هو پاڻ کي
اهڙي طرح لڪائي وينو هو. ڪيس ڏسندي ئي مسافرن آٽت جو ساهہ
کنيو، جو آخر ۾ هنن بس ۾ چڙهيل هڪ پاپيءَ کي ڳولهي لڌو هو.
هنن ان غريب کي ڇڪي هيٺ لاٿو ۽ پوءِ ڪيس چڱي مار بہ ڏنائون.
سيني ياترين کي هن غريب جي ڪري ئي ڪشٽ سهڻو پيو هو.
هن بدشد ڳالهائيندي مسافرن ڪيس اُتي اڌ رستي ۾ ئي لاهي
ڊرائيور کي بس کي اڳتي وڌائڻ جو آديش ڏنو. ياترين کي هاڻ
سنتوش هو تہ پاپيءَ کي بس مان لاهڻ کان پوءِ ضرور ڪنوڻ بند
ٿي ويندي.

بس اَڃان سؤ ڪن ميٽر اڳيان مس وَڌي هوندي جو وڄُ جو هڪ
جهٽڪو آيو ۽ باهہ جو هڪ مچ اچي بس جي مٿان ڪريو ۽ ڪن ۾
ئي ويٺل مسافر ۽ سندن سارو سامان سڙي خاڪ ٿي ويو ۽ بچي
ويو تہ صرف اُهو ئي هڪ غريب پيرسن مسافر، جنهن کي ڇڪي
هيٺ لاٿو ويو هو. هو پوءِ قادر جو عجيب تماشو ڏسندو رهيو.

★ ★ ★ ★

هڪ غريب شخص ۽ بَس

- ڪمل پياسي (گانڌينگ

شريمد ڀڳوت گيتا جي ڪٿا ڪندي ڪٿاڪار هيءَ درشٽا
ٻڌايو:

هماليہ پرديش جي هڪ علائقي ۾ هڪ ٥٠ ڪن مسافرن
سٽيل بس هڪ پهاڙيءَ تي مٿي چڙهي رهي هئي. ڪجهہ وق
زوردار برسات پوڻ ڪان پوءِ هاڻ ڪنوڻ بہ ڪڙڪيدار روپ ۾ ڪ
رهي هئي. پهاڙيءَ جي چڙهائي ائين تہ ڏکي هئي، پر آزمود
ڊرائيور گاڏيءَ کي مٿي چاڙهيندو تي رهيو ۽ اهڙو ڏکائين
واتاورڻ هوندي بہ هو پنجاهہ ڪن ڪلوميٽر مٿي چڙهي چڪو
رستي تي ور وڪڙ بہ تمام دل ڪانڊاريندڙ هئا. گاڏي چڻ
ماتريءَ جي آڏ تان گسڪي رهي هئي. ائين تہ ڊرائيور کي اَهڙ
سڙڪ تان گاڏي هلائڻ ۾ ڪو اهنج ڪونہ هو، پر وڄ جي گرگڙاه
هر ڪنهن مسافر جي دل ۾ ڊپ پيدا ڪيو هو. بس ۾ ويٺل مساف
جي هر وقت چئہ چئہ ۽ رنجهہ ڪنجهہ ڪارڻ ڊرائيور کي آخر
کي بيهارڻو پيو.

بس ۾ سوار مسافرن ۾ هڪ طرح جي واد وواد شروع تي ويئ
ڪنهن سياڻي چيو تہ بس جي اندر ضرور ڪو پاپي چڙهيل آه
جنهن ڪارڻ ئي وِڄُ جي هلان ٿيندي تي رهي؛ اهڙي پاپي
کي ڳولهي بس مان لاهي ڇڏڻ گهرجي، نہ تہ سيني مسافرن
موت جو سامنو ڪرڻو پوندو. ڪن مسافرن جو وري اهڙو رايو هو
اهو هڪ قسم جو ڀرم آهي، سٺو آهي تہ بس کي آهستي آهس
اڳتي هلڻ گهرجي. سندن چوڻ هو اهو ڪيئن ممڪن آهي تہ
پاپيءَ جي ڪري ٥٠ سٺن انسانن کي ڪال ڪاهي ايندو.

ڊرائيور کي گاڏيءَ کي سهوليت مان هلائڻ جو ويچار هو؛
ڪن مسافرن جي بحث ڪارڻ سندس ويچار استر ڪين تي تب

ٽيون شاديءَ لائق آهن، مان اُنهن کي پنهنجون ڏيئر ڪري
ڏيندس. شاديءَ جو سمورو خرچ مان ڪندس. توهانکي منظور
ته جلد ٻڌايو.“ سيٺي ڳوٺ وارن سيٺ جو اِهو شرط منظور ڪيو.
سيٺ سيٺي نياڻين لاءِ سکيا سنابا گهر ڳولهيا. اُنهن لاءِ ڪافي
۾ سون ۽ ڏاجو ٺهرايو. سيٺي نياڻين جي شادي ڏاڍي ڌام ڌوم
ٿي. ڳوٺ وارا ايترو سون ڏسي وائڙا ٿي ويا ۽ چوڻ لڳا ته ڪيڏي
سي جي مستي اٿس! پنهنجي وڏائي ۽ شان ڏيکارڻ لاءِ ئي ايڏو
ڪيو اٿائين. پئسي جو ايڏو گهمنڊ سٺو نه آهي!
تڏهن چوندا آهن ته ”ڏئي به ڏک نه ڏئي به ڏک“

❊ ❊ ❊ ❊

غـزل

- ايس. ڊي. ايسراڻي ”سڏا“ (احمدآباد)

١. اڄ جي زماني ۾ رهڻ آهي مشڪل،
هڪ لفظ ڪنهنکي چوڻ آهي مشڪل.

٢. بس چپ چاپ هل ۽ هلندو رهه تون،
ڏک جي هن درياه ۾ترڻ آهي مشڪل.

٣. ڏي ڪو سٺائو اڙي دڳ اچي ڪو،
سُڏا دڳ بنا پنڌ ڪرڻ آهي مشڪل.

٤. ڪر خدا جي عبادت صبح شام تون،
ائين دُک اسانجو مٽڻ آهي مشڪل.

٥. هڪ هو ئي آهي سڀ جو سهارو،
بنا مهر هنجي جيئڻ آهي مشڪل.

ڏئي بہ ڏک نہ ڏئي بہ ڏک

- نوتنداس آلومل پنجواڻي (بڙودا)

هڪ ڳوٺ هو. اُن ۾ نندلال نالي هڪ سيٺ رهندو هو. نندلال کي هڪ ئي پٽ هو، جيڪو ولايت ۾ وڃي وسيو هو. نندلال جي پتنيءَ جو ديهانت ٿي چڪو هو. اِنڪري نندلال اڪيلو ئي رهندو هو. سيٺ نندلال وٽ اڻ ڳڻي دولت هئي. ڳوٺ وارن کي نندلال جي ابرشيا ٿيندي هئي. هر ڪنهن جي وات ۾ اِها ئي ڳالهہ هوندي هئي تہ هيتري ملڪيت جو کائڻ وارو فقط هڪ ڇٽو!

وقت گذرينديءَ سيٺ نندلال پوڙهو ٿيو ۽ ڪجهہ ناچاڪ بہ رهڻ لڳو. پر سندس پٽ ولايت مان واپس نہ وريو. ڳوٺ ۾ ڪيترائي مسڪين ماڻهو رهندا هئا، جن جون نياڻيون ساماڻيون هيون، پر ڪين پرڻائڻ لاءِ پئسو ڪونہ هو. آخر سيني گڏجي ويچار ڪيو تہ ڇو نہ هلي سيٺ کي عرض ڪيون. هو ضرور ڪا مدد ڪندو. هو سڀ سيٺ وٽ ڪَهي آيا ۽ ڪيس سربستو احوال ٻڌايائون. پر سيٺ ڪابہ مدد ڪرڻ کان اِنڪار ڪيو ۽ چيو تہ ”مان ڪنهنجي شادي ڇو ڪرايان.“ ڳوٺ وارا اِهو جواب ٻڌي ڏاڍا مايوس ٿيا ۽ نراس ٿي واپس آيا. هرڪو چوڻ لڳو تہ ”سائينءَ سڀ کي ڏنو اٿس تہ بہ ڪنهنجي مدد ڪرڻ لاءِ تيار ڪانهي. سيٺ ڏاڍو گهمنڊي آهي.“

ڪجهہ سالن ڪانپوءِ ڳوٺ وارن کي وري ساڳيو نياڻين جو سُور ستائڻ لڳو. هو ان جو هل ڳولهڻ لاءِ پاڻ ۾ گڏ ٿيا. ڪن رايو ڏنو تہ ”ڇو نہ وري هڪ دفعو سيٺ وٽ سوال کڻي هلون!“ ٻين اُنجي مخالفت ڪئي، چي،”سيٺ اڳ ۾ ئي ناڪار ڪئي آهي. هن وٽ ٻيهر هلڻ جو ڪو مطلب ڪونهي.“ ڪن جو چوڻ هو تہ هلڻ ۾ ڪهڙو هرج آهي. سيٺ وڌ ۾ وڌ ناڪار ڪندو. سيئي ڳوٺ وارا اِن نتيجي تي پهتا تہ سيٺ کي ٻيهر مدد لاءِ چئجي. ڳوٺ وارا گڏجي سيٺ وٽ عرض کڻي آيا. سيٺ هن ڀيري مدد ڪرڻ لاءِ تيار ٿيو. پر چيائين تہ”منهنجو هڪ شرط آهي. ڳوٺ ۾ جيڪي

مزيدار ٽوٽڪا

هڪ مرد ۽ عورت پنهنجي ڪنيا جي لاءِ ڇوڪرو ڏسڻ ويا. ڇوڪرو
ڻ ڪان پوءِ عورت پنهنجي پتيءَ کي چيو، ”ٻيو سڀ ته نيڪ آهي،
ڇوڪرو جڏهن کِلي ٿو ته هن جا سڀ ڏند ڏسڻ ۾ ٿا اچن.“ مرد
يو، ”اِن ڳالهه جي تون چنتا نه ڪر. جڏهن اَسانجي ڌيءُ جي هن
شادي ٿيندي ته هن جي کلڻ جو وارو ئي نه ايندو.“

گراهڪ : ”تيل گهٽي ڪلو؟“
دڪاندار : ”چاليهه رپيا.“
گراهڪ : ”سامهون وارو ٣٥ رپئي ڪلو ڏيئي رهيو آهي.“
دڪاندار : ”پوءِ هن کان ئي وٺين وٽ نه!“
گراهڪ : ”هن وٽ کپي ويو آهي.“
دڪاندار : ”پوءِ هوُ توکي ٺڳي رهيو آهي، مون وٽ جڏهن
کپي ويندو آهي ته مان ٣٠ رپئي ڪلو وڪڻندو آهيان.“

لوڪل ٽرين ۾ هڪ فقير چئي رهيو هو ته ”جيڪو مونکي رپيو
ڏو اُن کي سرڳ ۾ جاءِ ملندي.
تنهن تي هڪ مسافر چيس ته ٽرين ۾ ويهڻ جي جاءِ ڪانه ٿي
۽ تون سرڳ جي ٿو ڳالهه ڪرين.

هڪ عورت پنهنجي پتيءَ کي چيو ته، ”مردن کي شيءِ پسند
ڻ اچيئي ڪونه. نوُس نوُس به گهٽي ڪن ته به وڃي خراب شيءِ
دل لاهين ۽ اسين زالون هڪ ئي نظر ۾ پسند ڪري وٺون.“
ن تي پتيءَ چيس، ”درست فرمايو اٿئي. اِن ڪري ئي مون
ي ۽ تو مونکي پسند ڪيو.“

هڪ شخص کي ڪوڙ ڳالهائڻ جي ڏاڍي عادت هوندي هئي.
جڏهن گذاري ويو تڏهن اُن کي يمراج وٽ وٺي آيا. يمراج
س، ”حساب ڏي، تو تمام گهڻو ڪوڙ ڳالهايو آهي.“ اُن شخص
هئي ڪوڙ ڳالهائڻ جي عادت. سو چيائينس ته ”حساب ڪتاب
ڳالهه تنهنجو ياءُ وٺي ويو.“

هندوري ۾ جهول

- گوورڌن ڀارتي

چيٽ جي ڀڀري آهي،
سانت جهڙي گهري آهي؛
هندوري ۾ جهول، جهول، جهول پيارا!
هندوري ۾ جهول، جهول، جهول!

١. سپنن جا سهڻا پنک پساري،
آئي آ نندرا تنهنجي نيڻن جي دئاري،
اکڙين ۾ چانئي خماري،
پلڪون ٿيون ڀاري ڀاري،
هندوري ۾ جهول، جهول، جهول پيارا!

٢. ٻڙچن جي هينان چانئون ڦهلايون ٻانهون،
چانئون جي سيتلتا ۾ ليٽيون هوائون،
گلڙن ڀي اکڙيون ٻوُريون،
ليٽي پيا ڀئنر ڀنيوُريون،
هندوري ۾ جهول، جهول، جهول پيارا!

٣. منڙا! تو ۾ آ منهنجو ساهه سمايو،
لهندو نه تو تان منهنجي ممتا جو سايو،
هردي جو هار آهين،
نيڻن جو نار آهين،
هندوري ۾ جهول، جهول، جهول پيارا!

Printed, Published & Owned by Murli Bhojwani Printed at
Mahalaxmi Printing Service, ***Dabhoi Road, Varoda-4. [© : 572699]***
Published at B-35/139, S. K. Colony, Baroda.
Honorary Editor Lal L. Chawla

(۹) رنج نہ رنجاءِ، بري بندي جي آهہ.
ڪنهن جي دل دکوئڻ خراب ڳالهہ آهي، ڇو تہ اِن جي اندران ڪا آہ نڪري ٿي تنهنجو اثر خراب آهي.

(۱۰) زاريءَ ڏاران زور، هلي ڪين جيب سان.
ڏٽيءَ وٽ نيزاريءَ ۽ ايلرانيءَ کان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ هلي سگهي.

(۱۱) زبان ذاڪر، دل شاڪر.
زبان سان ڏٽيءَ جو ذڪر ڪجي ۽ دل سان اِن جو شڪر ڪجي.

(۱۲) زبان شيري (شيرين) ملڪ گيري.
منيءَ زبان سان ملڪ بہ قبضي ڪري سگهجي ٿو.

درن جي دٻلي (سترامداس سائل)

ذاقيہ

خدا ڪيترو وڏو!

ڪن ڏاهرين اڇي پنهنجي مرشد کان پڇيو، ”خدا يترو ٿيندو آهي؟“ مرشد چَين،”خدا تمام وڏو هوندو آهي.“ هرين پڇيس ”آسان ماڻهن وانگر هوندو آهي يا ڪنهن ٻئي نموني ندو آهي؟“ مرشد ٻڌاين،”خدا ماڻهن کان الڳ هوندو آهي.“

ڏاهري پوءِ خدا کي ڳولهڻ نڪتا. ڳولهيندي ڳولهيندي ي ڳوٺ جي ٻاهر پهتا. هڪ اُٺ اُتي ليٽيو پيو هئو. ڏاهرين چيو تہ هيءُ ئي شايد خدا آهي. هيڏو وڏو ۽ وري ماڻهن کان بہ ڳ آهي. پر خدا ليٽي ڇو پيو آهي؟ سو اُٺ جي اڳيان اڇي اُن ي چون ٿا،

”پيو آهين برپٽ ۾، او عالم جا ابا،
تو ئي ٽنگهون ٽيڙيون، تہ بندا ڪيئن ڪندا.“

پهاڪا ۽ چوڻيون

(۱) راءِ کي وڏي راڻي، تنهن کي ڪير چوي مهاڻي.

جا ڳالهه يا ڪم ڏڏيءَ کي پسند پوي، تنهنکي خراب ڪير چوي؟

(۲) رب ٿئي راضي، تہ ڏوڙ مان بہ ڏن ٿئي.

ڏڏي چاهي تہ مٽيءَ مان سون ڪري يا سچي کي سائو ڪري.

(۳) رب رسي، مت کسي هٽي کونہ هٿيار،

ڏئي اهڙو ڏانءُ، جنهن ۾ جوکو جان جو.

ڏڏي ڪنهن سان ناراض ٿيندو آهي تہ اُن جي بڌي يا عقل ماريندو آهي.

(۴) رب رلائي، تہ ڏاهرين کهڙو ڏوهہ؟

ڏڏيءَ جي طرفان جيڪڏهن ٿاٻا ٿوٻا لکيل هجن تہ اِن ۾ ٻئي جو کهڙو قصور؟

(۵) رت جي رتي، صحبت جو خرار يا

رت جي رتي، اُت جيڏي پريت

دوستيءَ جي وڏي انداز ڪان، رت جو ذرو وڏيڪ قيمتي آهي.

(٦) رت ڪتورو ڏجي، تڏهن پيٽ ڪتورو ملي.

جهجي محنت ڪري، بدن جو رت ڏجي ٿو، تڏهن روزگار حاصل ٿئي ٿو. (۲) جفاڪشيءَ سان ئي پيٽ قوت ملي ٿو.

(۷) رتي راڄ ڪمائي، عقل وارو روٽيون کائي.

ياڳوان حڪومت هلائي ۽ عقل وارو عقل جي زور تي روزگار ڪمائي.

(۸) رپيو پرکجي بار بار، ماڻهو پرکجي هڪوار.

هڪ ئي پيرو آزمائڻ سان ماڻهوءَ جي سياءُ ۽ لڇڻن جو پتو پئجي ويندو آهي، پر رپئي کي هر هر پرکڻ سان سندس کري هئڻ جي خبر پوندي آهي.

جنم وقت جا ڪارڻ:-

جنم وقت ٻار جي مغز تي ڪنهن اوزار جو ڏاڍو دٻاءُ پيو
ي تہ ٻالڪ جو مغز ڍلو ٿي پوندو آهي.

جنم کان پوءِ جا ڪارڻ:-

جنم کان پوءِ ٻالڪ کي تيز بخار اچي تہ بہ مغز تي خراب
تي سگهي ٿو.

جنم کان پوءِ ٻالڪ ڪنهن حادثي ۾ مغز پر ڪري پوندو تہ
ار جي مغز تي خراب اثر ٿيندو آهي.

ٻالڪ کي ننڍپڻ ۾ ڪا اهڙي مغز جي بيماري ٿئي تہ ٻالڪ
ٻُڌي ٿي سگهي ٿو.

مند ٻُڌي ٻالڪ کي چريو يا پاڳل نہ سمجهڻ گهرجي ۽ نہ ئي
کي چرين جي اسپتال ۾ وجهڻ گهرجي.

اهڙن ٻالڪن کي الڳ خاص اِسڪولن ۾ سيکاريو ويندو آهي
رهڪ ٻالڪ کي خاميءَ يا گهرج موجب سکيا ڏيئي ڍيري ڍيري
تي پارڻ تي هيرايو ويندو آهي.

مند ٻُڌي ٻالڪن جي ٻُڌي انڪ موجب اُنهن کي الڳ الڳ
ڏنا ويا آهن، جيئن تہ،

- ٧٠ کان ٩٠ ٻُڌي انڪ وارن کي بارڊرلائين (Borderline)
- ٥٠ کان ٧٠ ٻُڌي انڪ وارن کي مائيلڊ (Mild)
- ٣٥ کان ٥٠ ٻُڌي انڪ وارن کي ماڊريٽ (Moderate)
- ٢٠ کان ٣٥ ٻُڌي انڪ وارن کي سويئر (Severe)
- ٢٠ کان گهٽ ٻُڌي انڪ وارن کي پروفائونڊ (Profound)

پهرين طبقي وارا ٻار عام اِسڪولن ۾ ويندا آهن ۽ ڍيري
ي بہ ٿي دفعا ڪلاس ۾ ناپاس ٿي آخر ڏهون درجو پاس
دا آهن.

پر ٢ کان ٥ طبقي وارن ٻارن لاءِ جدا اسپيشل اسڪول برپا
ويندا آهن تہ جيئن انهن کي سندن خامين ۽ ضرورتن موجب
ا ڏيئي سگهجي. انهن کي وشين جي سکيا نہ پر گهربل وهنوار
شلتا جي سکيا ڏني ويندي آهي تہ جيئن هو زندگيءَ ۾ پاڻ
پاڙي سگهن.

مند ٻُڌي ٻالڪ

- ڊاڪٽر بي. پي. ڀُلا

- پرنسيپال جي. وي. مورجاڻي

مند ٻُڌي ٻالڪ عام ٻالڪ کان بلڪل علحدو هوندو آهي. اُن جي ٻُڌي ڪافي گهٽ هوندي آهي. روزاني وهنوار ۾ به ڍلو هوندو آهي. هن جي شرير ۽ دماغ جو واڌارو به ڏيري ڏيري ٿيندو آهي. عام ٻالڪ جي ڇهين مهني وهڻ شروع ڪندو ته هو ڏهين مهني به ويهي نه سگهندو. عام ٻالڪ جي ڏهين مهني اُٿي بيهي سگهندو ته هيءُ پندرهين مهني کان پوءِ بهڻ جي ڪوشش ڪندو. اهڙيءَ طرح دماغ جي خاميءَ ڪري هن جو واڌارو ڏيري ٿيندو آهي ۽ جيون ۾ عام ٻالڪ وانگر سکيا وٺي وڌو ٿي پنهنجي پيرن تي بيهڻ ۾ اسمرٿ رهندو آهي، مائٽن کي پين کي اهڙي ٻالڪ جي سڄي عمر مدد ڪرڻي پوندي آهي.

مند ٻُڌي ٻالڪ ٿيڻ جا مکيه ٽي ڪارڻ آهن.

١. جنم کان اڳ جا ڪارڻ.

٢. جنم وقت جا ڪارڻ.

٣. جنم کان پوءِ جا ڪارڻ

١. جنم کان اڳ جا ڪارڻ:-

(١) ٻالڪ جي جنم کان اڳ جي گرڀوتي ماءُ ڪري پوي ۽ ٻار جي دماغ کي ضرب پهچي ته ٻالڪ مند ٻُڌي ٿيندو.

(٢) جنم کان اڳ جي ٻالڪ جي ماءُ کي پوري خوراڪ نه ٿي ملي ۽ ٻار جي مغز جو پورو واڌارو نه ٿي سگهي ته ٻالڪ مند ٻُڌي ٿيندو.

(٣) جنم کان اڳ جي ٻار کي پوري آڪسيجن نه ملي ته ٻالڪ مند ٻُڌي ٿيندو.

(٤) جنم کان اڳ جي ماءُ کي اهڙيون دوائون ورتيون هجن جنهن جو ٻار جي دماغ تي اُلٽو اثر پوي ته ٻالڪ مند ٻُڌي ٿيندو.

اهڙيءَ طرح وکلانگہ ٻرجا لاءِ انيڪ ڪلياڻڪاري يوجنائون
چار هين آهن جي پارت سرڪار عمل ۾ آڻڻ تي چاهي تہ جيئن
ـن جي زندگي سکميہ بڻجي ۽ هو آنند جو انڀو ڪن.

بڙودا جي شري لڌارام سنڌ هندو هاير سيڪنڊري اسڪول
هن ملينيم سال ۾ مانو شيوا جي هن عمدي ڪاريہ لاءِ مند ٻڌي
ـرن لاءِ هڪ سپيشل ڪلاس شروع ڪيو ويو آهي. جنهن ۾ سکيا ورتل
ـچر انهن ٻارن کي سنڌن خامين ۽ ضرورتن موجب وهنوارڪ
ـيا ڏيئي رهي آهي. هيءُ ڪلاس هن ليکہ جي هڪ ليکڪ ڊاڪٽر
. پي. ڏُلا جي رهنمائيءَ هيٺ ۽ ٻئي ليکڪ پرنسيپال جي. وي.
ـرجاڻيءَ جي نظرداريءَ ۽ ضابطي هيٺ هلي رهيو آهي.

هن ايشوري ڪاريہ لاءِ پئسي جي ضرورت هئڻ سڀاويڪ آهي.
ـيترو وڌيڪ پسئو هوندو اوترو اهڙن ٻارن لاءِ وڌيڪ ۽ وڌيڪ
ـهوليتون ميسر ڪري سگهبيون ۽ اڳتي هلي هڪ مان بہ، ٻن مان
ـي ڪلاس شروع ڪري سگهبا. هن وقت اسڪول کي هلائيندڙ
سنڌو وديا منڊل ٽرسٽ“ مالي بوجو پنهنجي سر تي کنيو آهي.
ـنوبرن کي عرض آهي تہ هو هن ڏس ۾ مدد جو هٿ ڊگهيڙي
ـنو شيوا ڪاريہ کي هٿي ڏيندا. هن ڪاريہ لاءِ فلال هڪ لک رپين
ـي ڊونيشن جي ضرورت آهي.

ڊانوير چيڪ يا ڊرافٽ ”سنڌو وديا منڊل ٽرسٽ“ جي نالي
ـوڪلي جس جا ڀاڳي ٿيندا. ائڊريس :- پرنسيپال، شري لڌارام
ـاءِ اسڪول، نظر باغ جي پنيان، مانڊوي، بڙودا-٦.

ڪيس رسيد انڪم ٽئڪس اگز مشن سرٽيفڪيٽ جي ڪاپي
ـندن ائڊريس تي موڪلي ويندي.

سنتن جي هيٺين ٻولن سان ليک پورو ڪجي ٿو.

پلائي جيڪا توهان ٻين سان ڪريو ٿا، اُها ڪئين
ـفعا وڌيڪ ٿي موٽي توهان کي ملي ٿي. نيڪ ان ٻج
ـانگر جيڪو اسين زمين ۾ پوکيون ٿا ۽ ڪئين دفعا
ـڌيڪ فصل لڻون ٿا.

جئہ ست چت آنند.

* * *

جنهن ٻالڪ ۾ جهڙي خامي يا ڪمي هجي تهڙي سکيا خاص طريقن سان خاص شڪشڪ ڏيندو آهي.

هند سرڪار پاران اهڙا اسڪول کوليا ويا آهن ۽ اهڙن اُستادن جي سکيا لاءِ ڪن راڄين ۾ سکيا ڪيندر کوليا ويا آهن. اِهي ڪيندر سڪندرآباد جي سرڪاري سنستا جي رهنمائيءَ هيٺ ڪم ڪري رهيا آهن. اهڙا ڪيندر ڪُل ٣٦ آهن جتي سڄي سال جو ڊپلوما ڪورس هلايو ويندو آهي. هر هڪ ڪيندر ۾ ٢٠ وديارٿي سکيا لاءِ کنيا ويندا آهن. ڪوبہ وديارٿي جنهن ٻارهون درجو پاس ڪيو هجي ۽ ڪيس منڌ ٻڌي ٻالڪن سان ڪم ڪرڻ جو چاهہ هجي، اُهو داخلا وٺي سگهي ٿو. ڪورس لاءِ ڪابہ فِي ڪونہ ورتي ويندي آهي. پاڻ مٿان ٣٠٠ روپيا اِسڪالرشپ ڏني ويندي آهي. ايترو ڪندي بہ منڌ ٻڌي پرجا لاءِ فقط هڪ سيڪڙي جيترو ڪم ٿي رهيو آهي ڇاڪاڻ تہ منڌ ٻڌي ماڻهن جي سکيا ڀارت ۾ ٢ ڪروڙ آهي ۽ شيوائون فقط ٢ لکن تائين ميسر ٿي سگهيون آهن.

اهڙو هڪ ڪيندر ٻڙودا ۾ ڪاشي بين هاسپيٽل ۾ آهي جنهن ۾ هن ليکہ جو هڪ ليکڪ ڊاڪٽر بي. پي. لُلا خود سنچالڪ آهي.

ڀارت سرڪار گهڻي ڪوشش ڪري رهي آهي تہ اهڙن منڌ ٻڌي ماڻهن لاءِ سکيا جو جوڳو بندوبست ٿئي ۽ انهن کي ڪجهہ خاص حق ملن، تنهن لاءِ ١٩٩٥ ۾ هڪ قانون پاس ڪيو ويو آهي. جنهن کي (Persons with Disability Act 1995) سڏيو ويو آهي جنهن موجب انهن کي هيٺيان حق ۽ سهوليتون ڏنيون ويئون آهن.

(١) انهن کي سکيا جو حق آهي تنهن ڪري سرڪار انهن لاءِ اسپيشل اسڪول ۽ ووڪيشنل ٽريننگ ڪيندر کولي رهي آهي.

(٢) انهن کي ريلوي جي مسافريءَ ۾ ڀاڙي ۾ رعايت ڏني وڃي ٿي.

(٣) جنهن ماڻهوءَ کي منڌ ٻڌي ٻالڪ آهي تنهن کي انڪم ٽئڪس ۾ رعايت ڏني وڃي ٿي.

(٤) اُنهن لاءِ نوڪريءَ ۾ ٣٪ جڳهيون محفوظ رکيون ويئون آهن.

(٥) اهڙن ٻارن لاءِ مائٽ انشورنس وٺي سگهن ٿا جنهن ڪري انهن جي مؤت کان پوءِ بہ انهن جي پالنا ٿي سگهي.

سن جو نالو ٻڌو هوندو. اِن مهان وگيانڪ، جنهن سوين کوجنائون
ن، جن ۾ مکيہ گراموفون ۽ بجليءَ جو بلب آهن. هن کي بجليءَ
بلب لاءِ ڏهہ هزار تجربا ڪرڻا پيا. ٻيو ڪو ماڻهو هجي ها
شايد پنجاهہ سؤ تجربن کان پوءِ ئي هٿ کڻي ڇڏي ها. پر
ڌيرج سان ڪم چالو رکيو ۽ دنيا کي هڪ امولہ شيءِ ارپڻ
ي. هن کان جڏهن پڇيو ويو تہ توهان ايڏو ڌيرج ڪيئن رکي
يا؟ هيترين ناڪاميابين کان پوءِ بہ پنهنجي اُميد ڪيئن
ئي رکيو؟ تڏهن هن مهان شخص جواب ڏنو، ”مون کي اِئين
تہ هر اسفلتا کان پوءِ مان سفلتا جو هڪ ڏاکو چڙهيس.“

گهڻيئي دفعا اِئين بہ ٿيندو آهي تہ جيڪو اسان سوچيندا
ون، اُنجي اُبتڙ نتيجو ايندو آهي. اُن جو ڪارڻ اِهو آهي تہ
نجي سوچ ۽ ڪلپنا ۾ مت ڀيد، هوندو آهي. اسان سوچيندا تہ
ون هيئن ڪنداسين، اسان هونئن ڪنداسين. پر من جي
هن ڪنڊ ۾ هڪ ڊپ لڪل هوندو آهي. متان اِئين نہ ٿئي تہ!
نجو من اُن وقت اَهڙيون گهڻيون ئي ڪلپنائون ڪندو آهي.
ل : ڪو ٻار سوچي ٿو تہ مان انجنيرنگ پڙهندس. اُنجو اِرادو
و آهي پر من ۾ هڪ ڪٽڪو هوندو آهي متان بورڊ جي رزلٽ ۾
گهٽ وڏائي نہ ٿئي. ضروري مارڪون نہ اچن تہ! اُن مهل هي
پيا رستا بہ ڳولهي رکندو آهي. جيئن تہ اِنجنيرنگہ ۾ داخلا نہ
ي تہ مان سائنس ڪٽندس يا ڊپلوما ۾ ويندس. چوڻ جو مطلب
اِهوئي آهي تہ اسانجي سوچ تہ هاڪاري آهي پر اسانجون
لپنائون اِن سوچ سان ميل نٿيون کائن. اسانجا اِرادا پڪا نہ
ن. اسان هر وقت ٻيا اُپاءُ تيار رکندا آهيون ۽ اسانکي نتيجو بہ
ڙو ئي ملندو آهي. ڪنهن بہ ويچار کي جي حقيقت ۾ بدلائڻو
ي تہ پهرئين اسانکي اُن ويچار کي پنهنجن ڪلپنائن ۾ ساڪار
ندي ڏسڻو آهي. اهو تمام ضروري آهي.

(هلندڙ)

منهنجو من

- دليپ گولاڻي (بڙودا)

گذريل انڪ ۾ اسان ڏٺوسين تہ ڪيئن هڪ ناڪاري ويچار سان هڪ شخص جو ڏنڊو ڦٽي ويو. مون ڪان ڪيترائي ماڻهون پڇندا آهن تہ ڇا هاڪاري ويچارن سان واقعي پنهنجي زندگيءَ ۾ يا پنهنجي نوڪري ۽ ڌنڌي ۾ سٺا نتيجا ايندا آهن؟ اِن جي جواب ۾ مان هي مثال ڏيندس. ڇا ڪڏهن توهان انب جو وڻ پوکيو آهي؟ انب جي وڻ کي ڦل ڏيڻ لاءِ ست سال لڳندا آهن، اِن وچ ۾ اُن وڻ کي روز پاڻي ڏيڻو پوندو آهي، اُن جي آس پاس ٿيندڙ ڪنڊن جي ٻوٽن کي ڪٽڻو پوندو آهي، تڏهن ئي وڃي اُهو انب ڦل ڏيندو آهي. اُن کان پوءِ هر سال اسان کي بنا محنت ڦل ملندو آهي. پر جيڪڏهن اسان پنجن سالن کان پوءِ ائين چئون، ”هي انب جا وڻ، مون توکي پنج سال پاڻي ڏنو آهي تہ هاڻي ڪٽي تون مون کي ڪلو کن ئي انب ڏي.“ تہ ڇا توهان کي انب ملندا؟ نہ تہ! پوءِ ڇا توهان ان وڻ کي ڪٽي ڇڏيندا؟ اسان جا هاڪاري ويچار بہ انب جي وڻ وانگر آهن. اُنهن کي بہ ڦل ڏيڻ ۾ وقت لڳندو آهي. اِن وچ ۾ اسان کي ويچارن کي دهرائي ڪري مضبوط ڪرڻو پوندو ۽ اِن سان گڏ اُٿندڙ ناڪاري ويچارن کي منڊ ڪان ئي من مان ٻاهر ڪڍي ڇڏڻو پوندو. پر اسان ڇا ڪندا آهيون؟ اسان هاڪاري ويچارن کي ڪڍي ڇڏيندا آهيون. عارضي طور اسڦلتا کي اسان دائمي طور سمجهندا آهيون. من ۾ اُڀرندڙ چند ناڪاري ويچارن سامهون اسان جهڪي ويندا آهيون. جيڪڏهن اسان کي سڦل ٿيڻو هجي تہ اسان کي پنهنجي سٺن ويچارن کي ڪنهن بہ حال ۾ ڇڏڻ نہ گهرجي. ڪٺئي وقت ۾ بہ همت رکي پنهنجو ڪاريہ اڳيان وڌائڻ گهرجي. سڦلتا اُنهن کي ملندي آهي جيڪي عارضي طور مليل اسڦلتا کان نہ ڊڄي اڳيان وڌندا آهن. ۽ مون اِهو ڏٺو آهي تہ اڪثر سڦلتا عارضي طور نسڦلتا کان هڪ قدم پٺيان هوندي آهي. توهان شايد ٿامس

بک اٿم. اِن تي ننهن پڻ پنهنجو ڏرم سمجهي، پنهنجو
زمان جي اڳيان رکيو. مزمان اِهو حصو کائي، سيني کي
ڏيندو روانو ٿي ويو. اُنهيءَ رات جو مٿين چئني ڄڻن جو
ي مؤت ٿيو.
وڙ چيو تہ مان بہ اُتي اوچتو وڃي پهتس ۽ مزمان جي ڪاڌل
مان جيڪي ذرڙا پٽ تي ڪري پيا هئا، اُنهن تي ليٽڙي
منهنجو اڌ بدن سونو ٿي پيو! اُن ڪانپوءِ مون ڪيترن يڳين
ليٽڙيون پاتيون آهن پر باقي رهيل اڌ بدن سونو ڪونہ ٿيو
تي پڻ ليٽڙيون پائي آزمايم پر منهنجو اڌ بدن سونو ڪونہ
نڪري چيم تہ اوهين ڪوڙ ڳالهائي رهيا آهيو.''

❋ ❋ ❋ ❋ ❋ ❋

سُڳند'' ماهوار مان آئي ''سنڌيت'' جي سُڳند ٿوري ٿوري،
ڪهاڻين، غزلن، گيتن مان ملي آ جاڻ ٿوري ٿوري.

وڏاءِ وک ڪر جاڪور ''سنڌيت'' کي وڌائڻ اڳتي،
''سُڌا'' کي آس آ من ۾ شل وڌي ''سُڳند'' ٿوري ٿوري.

-ايس. ڊي. ايسراڻي ''سُڌا'' (احمدآباد)

مهان يگيه

ڪر ڪيتر جي يڌ ڪان پوءِ پانڊون وڏو يگيه ڪيو ۽ غريبن کي ايترو دان ڏنو. جو عام جنتا، سندن سخاوت ۽ اُتم يگيه جي باري ۾ چيو ته اهڙو مهايگيه اڳي ڪونه ٿيو آهي. پر يگيه ڪان پوءِ هڪ ننڍو نوڙ، جنهنجو اڌ بدن سونو ۽ اڌ ناسي هو، اچي يگيه جي ڀسم ۽ هال ۾ ليٽڙيون پائي چوڻ لڳو ته ”اوهين سڀ ڪوڙ پيا ڳالهايو.“ ماڻهن چيو، ”هن يگيه کان پوءِ هيرا، جواهر ۽ ڪيترو سون دان ۾ ڏنو ويو ۽ وننڌڙ سڀ شاهوڪار ٿي ويا آهن. هن جهڙو يگيه اسان نه ٻڌو، نه ڏٺو آهي.“

نوڙ وراڻيو ته ”هڪ ننڍي ڳوٺ ۾ هڪ غريب براهمڻ جوڙو، پنهنجي پٽ ۽ نُنهن سميت رهندو هو، جنهنجو وديا پڙهائڻ ۽ ڌرمي سنسڪار ڪرائڻ تي گذران هو. اوچتو اُتي ٽي سال ڀڪا ڏڪار اچي پيو ۽ غريب براهمڻ کي ڪيترا ڏينهن بکون ڪڍڻيون پيئون.

هڪ ڏينهن صبوح جو براهمڻ کي نصيب سان ٿوري جوئر ملي، جا هن چئن ڀاڱن ۾ وراهي، هرهڪ لاءِ هڪ روٽي تيار ڪئي، جڏهن کائڻ لاءِ ويٺا ته دروازي تي کڙڪو ٿيو. براهمڻ اُٿي در کوليو ۽ ڏٺائين ته هڪ مزمان بيٺو آهي. آيل مزمان کي ايشور جو روپ سمجهي، سندس آجيان ڪئي ويئي ۽ براهمڻ پنهنجو حصو، هن اڳيان کائڻ لاءِ رکيو.

مزمان يڪدم کائي چوڻ لڳو ته ”مان ڏهن ڏينهن جو بکايل آهيان. هن روٽيءَ پاڻ منهنجي بک کي وڌيڪ چٽو ڪيو آهي.“ اِن تي براهمڻ جي اِستريءَ پنهنجو حصو مزمان اڳيان اچي رکيو چي، ”ڪرپا ڪري هي سويڪار ڪريو.“ مزمان اُهو به کڻڪائي ويو ۽ چوڻ لڳو ته ”منهنجي پيٽ ۾ بک جا چڪ پيا پون.“ اِن تي براهمڻ جي پٽ چيو ته ”منهنجو فرض آهي، پنهنجي پتا جي مهمان ڌرم جي پالن ۾ مدد ڪرڻ.“ اِئين چئي پنهنجو حصو مزمان کي ڏنائين. کائڻ کانپوءِ مزمان وري دانهن ڪئي ته اجا

آيرويدڪ چڪتسا سار

- پنڊت هاسارام لعلچند شرما

तीक्षण नस्य चूर्ण

شڻ نسيہ چوُرڻ

شميري پتا ٥ تولا، ڪافور تولو، جوهر قودنو اڌ تولو،
سپ شيون ڪٽي، ڪپڙ ڇاڻ ڪري چوُرڻ ٺاهجي.
ن - چپٽي هڪ ضرورت وقت ناس ڏيڻ گهرجي.
ٽي ۽ اڌ مٿي جي سوُر، زڪام، بيهوشي وغيره مرضن لاءِ
ڪارگر آهي.

वाजीकरण चूर्ण

جيڪرڻ چوُرڻ

موصلي اڇي، موصلي ڪاري، لونگ، دالچيني، جافر، جاوتر،
ستاوڙي، تالمکانہ، ڪباب چيني، بيهي داڻا، ڪافي، ناگ
ڪونچ ٻج، سالب چنبو، خسخس، منديري،گوکرو، عقر
ايلاچي، ڪل وڏي هريڙ، مٽي ڪاني هرهڪ تولو، کنڊ اڌ
ستور موجب چوُرڻ ٺاهجي.
وزن اڌ تولي کان تولو - صبح ۽ رات، کير يا پاڻيءَ سان
ٿهرجي.
هٿن پيرن جي گرمي، ڪمر جي سوُر، مغز جي ڪمزوري
ڪي هٽائي، بدن جي هيٺائي دور ڪري، ويريہ وڌائي،
ڪي خوب طاقت ور بڻائي ٿو.

तालीसादि चूर्ण

اليسادي چوُرڻ

تاليسپتر تولو، مرچ ڪارا ٢ تولا، سنڊ ٣ تولا، پپريون ٤ تولا،
ير ٥ تولا، دالچيني، ايلاچي هرهڪ اڌ تولو، کنڊ ٣٥٠ گرام
شيون ڪٽي دستور موجب چورڻ ٺاهي رکجي.

سنڌي ۲۱ صديءَ ۾

اکل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت پرچار سڀا ڀاران، مڌيه پرديش سنڌي ساهت اڪادميءَ جي سهڪار سان ۲۳ ۽ ۲۴ سيپٽمبر ۲۰۰۰ ڀوپال ۾ ۲۸ ساهتڪ سيمينار رکيو ويو آهي. جنهن ۾ هيٺين وشين تي ٻرک ساهتڪارن کي مقالا پڙهڻ لاءِ عرض ڪيل آهي. شري واسديو نرمل ”سنڌي شاعريءَ جي ٽيئن دؤر جو باني شري ڪشنچند بيوس“. ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي ”۲۱ صديءَ ۾ سنڌين جي ريتن رسمن ۾ ڦيربدل“. ڊاڪٽر ڄيٺو لالواڻي ”۲۱ صديءَ ۾ سنڌي نالن ۽ نڪن ۾ ڦيربدل“. ڪماري وينا شرنگهي ”۲۱ صديءَ ۾ سنڌي ڏڻن ۾ ڦيربدل“. پروفيسر جڳديش لڇاڻي ”۲۱ صديءَ ۾ سنڌين جي سڃاڻپ“.

سڀا جي سيڪريٽري ڊاڪٽر لتا ٽهلياڻي لکي ٿي ته رهائش ۽ کاڌي جو بندوبست ۲۳ ۽ ۲۴ سيپٽمبر مڌيه پرديش سنڌي اڪادميءَ طرفان، نيوريسٽ هائوس ٻاڻ گنگا، ڀوپال ۾ ڪيل آهي. صرف رهائش جو بندوبست ۲۲ سيپٽمبر کان ۲۵ سيپٽمبر تائين ٿيل آهي. نينڊ تي آيل ساهتڪارن کي اوٽ موٽ سيڪنڊ ڪلاس، رزرويشن سميت ريلوي ڀاڙو سڀا طرفان ڏنو ويندو. سيمينار ۾ شريڪ ٿيڻ، ڀوپال پهچڻ ۽ وڌيڪ ڄاڻ لاءِ شري صابو ريجهواڻي سيڪريٽري مڌيه پرديش سنڌي ساهت اڪادمي، سنسڪرت ڀون، ٻاڻ گنگا روڊ، ڀوپال-۴۶۲۰۰۳ سان لهه وچڙ ۾ اچڻ گهرجي.

ساهتڪارن ڏانهن

اکل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت پرچار سڀا طرفان اها ڪوشش ورتي ٿي وڃي ته اسين سڀ گڏ هجون. ملندڙ خوشين ۾، سکن ۾ ۽ ڏکن ۾ هڪ ٻئي جي سار سنڀال لهون. خوشين ۾ خوشي ماڻيون ۽ غمن ۾ غمخوار ٿيون. هڪ ڪٽنب جي ڀاتيءَ جيان، هڪ ٻئي جو ڏک ۽ سک پنهنجو سمجهون ۽ اهڙي ڄاڻ پنهنجن ساهتڪارن تائين به پهچايون. اِن لاءِ توهان جي سهڪار جي ضرورت آهي. توهان کي عرض آهي ته پنهنجو سڄو نالو، مڪمل ائڊريس، فون نمبر، جنم تاريخ، شادي سالگره تاريخ، ملندڙ ترقي همت اَفزائي ۽ اِنعامن بابت پنهنجي ڄاڻ هيٺينءَ ائڊريس تي موڪليو، جيئن اِها ڄاڻ هر ساهتڪار کي موڪلي سگهجي. ڊاڪٽر لتا ٽهلياڻي سيڪريٽري، اکل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت پرچار سڀا، فليٽ ۱۰۵، سائين نڪيتن اپارٽمينٽ، جهه بابا شادي لانس ڀرسان، اُلهاسنگر-۴۲۱۰۰۵.

وزن - ٢ کان ٤ ماسا، ٤-٤ ڪلاڪي پاڻيءَ سان ڏيڻ گهرجي.
ارچي، کنگهه، اُلٽي، دل جي ڪمزوري، گهبراهٽ، ڇاتيءَ جي سور وغيره کي لاهي خوب بڪ بڪائي ٿو.

٤. لونگادي چُورڻ   लवगादी चूर्ण

لونگ، مرچ اڇا، وارو، تگر. صندل سفيد، پپڻ جي ڏوڏن جو مغز، ڪارو جيرو، ڪڻ فوٽا ننڍا، اگر ڪاٺي، ناگڪيسر، سنڍ، پپريون، موسرهي، نيتر بالا، دالچيني، ڪافور، جافر، تپاشير، سڀ شيون هڪ جيتريون وٺي سيني شين جي اڌ جيترو وزن مصري ملائي چورڻ ٺاهي رکجي.

وزن- ڏيڍ کان ٣ ماسا، ٤-٤ ڪلاڪي ماکيءَ ۾ ملائي چٽائجي يا پاڻيءَ سان ڏيڻ گهرجي.

سلهه، کنگهه، داهه، ارچي، گلي جو ويهي وڃڻ، هڏڪيءَ، دم، اتيسار، گلم روگ ۽ سنگر هٽيءَ وغيره مرضن کي لاهي ويريه کي وڌائي ٿو.

٥. راسنادي چُورڻ   रास्नादि चूर्ण

راسنا پيم سيني ڪافور، تاليسپتر، مڃٺ، شڌ سلا جيت، سنڍ، مرچ ڪارا، پپريون، ڪل وڏي هريڙ، ڪل آورا، ڪل ٻهيڙا، ناگر موٿ، واوڙنگ، چترڪ هرهڪ تولو، لوه ڀسم ٤ تولا، لوه ڀسم ڪانسواءِ سڀ شيون ڪُٽي ڪپڙ ڇاڻ ڪري پوءِ لوه ڀسم ملائي ٢ ڏينهن برابر کرل ڪري چورڻ ٺاهي رکجي.

وزن : ماسي کان ٢ ماسا صبح ۽ رات گيهه ٦ ماسن ۾ ملائي چٽائي مٿان کير پيارجي.

سکي کنگهه، سلهه ۽ ڪمزوري يا بلغم، سان گڏ رت ايندڙ هجي، پيٽ جي سور ۽ بدهاضمي، هيانچ، يا جيري جي وڌي وڃڻ لاءِ بلڪل اڪسير آهي.

نوٽ : مٿي ڄاڻايل سڀ شيون ڪرياڻي يا پسارڪي دڪان تي ملي سگهنديون.

ڪيترن ناميارين ڪمپنين جي مارڪي سان پڻ هن نالي جا چورڻ بزار ۾ مؤجود آهن.




چاليهي صاحب جي شاندار جلوس ۾ پرم پوڄنيه سائين
پرڪاش جن (اُلهاسنگر) ۽ پرم پوڄنيه سائين اشوڪ لعل
نظر اَچي رهيا آهن.




چاليهي صاحب (بڙودا) جي سماپتي اُتسؤ تي مٽڪين
سرگس ۾ ماتائون ۽ ڀينرون مٽي تي مٽڪي کڻي سنڌو
گر ۾ پروان ڪرڻ لاءِ وڃي رهيون آهن.

Golden Relationship Forever....








Dhanesh Ladla **Rajendra Ladla**



NEW LADLA JEWELLERS



Manufacturer & Dealers of Gold Diamond Ornaments

Vithal Mandir Lane, Mandvi, Vadodara - 390 006.

Tel : 429104 / 433897 Fax : (0265) 410208